SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2001

# سنڌ ماليات (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ فنانس ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم
Amendment of the Sindh Finance Act No.XIII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2001

# سنڌ ماليات (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[15 مئي 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ماليات (ٻي ترميم)

| | |
|---|---|
| آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو. | شروعات |
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ سمجھيو ويندو تہ 24 فيبروريءَ کان لاڳو ٿيو آهي. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعہ 9 ۾: | 1994 جي سنڌ فنانس ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم Amendment of The Sindh Finance Act No.XIII of 1994 |
| "(1). شين تي انفرااسٽرڪچر جي مرمت ۽ ترقي لاءِ مال ڍوائڻ تي ايندڙ خرچ جو 0.5 سيڪڙو سيس لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي ، انهن جي روڊ رستي ڪٽائڻ ۽ صوبي اندر محفوظ طرح داخل ٿيڻ يا صوبي ڇڏڻ کان اڳ کان يا ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ، هوائي جهاز يا سمنڊ ذريعي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| (ii) موجود وضاحت کي وضاحت "I" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ وضاحت کي ايئن ٻيهر نمبر ڏيڻ کانپوءِ هيٺين نئين وضاحت شامل ڪئي ويندي: | |
| "وضاحت II. هن دفعہ جي مقصدن لاءِ ملهہ جو مطلب آهي C ۽ I قيمت شين جي مالڪ کان مال اندر داخل ٿيڻ تي ۽ صوبي جو انفرااسٽرڪچر استعمال ڪرڻ تي، ۽ ٻين شين لاءِ قيمت جيڪا شپنگ ڪاغذن ۾ ڄاڻائي وئي آهي."؛ | |
| (iii) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي: | |
| "(3). ادا ڪيل سيس جي دعويٰ تي ڪو بہ فنڊ واپس نہ ٿيندو يا پل ۾ يا غلط فهمي ۾ وڌيڪ ادا ڪيل سيس جي اجازت نہ ڏني ويندي، جيستائين اهڙي دعويٰ اهڙي سيس ڏيڻ جي ٽن مهينن اندر نہ ڪئي وڃي. | |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي** | |